اميرِ اهلِ سنت جي ڪتاب ”نيڪي جي دعوت“ جي هڪ قسط بنام

# جادو

## جادوءَ جي باري ۾ معلومات

سنڌي



- مان باھ جي اندر پورا 20 منٽ ويٺو رهيس
- گناھ مٽائڻ جو نسخو
- نيڪ ٻانهن جو شان


شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت، باني دعوتِ اسلامي، حضرت علّامه مولانا ابو بلال

مُحمّد اِلياس عَطّار قادِري رَضَوي

دامت بركاتهم العالية

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الْمُرْسَلِیْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ ؕ

## ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي چڏيو اِنْ شَآءَاللّٰه جيڪو ڪجھ پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:

اَللّٰهُمَّ افْتَحْ عَلَيْنَا حِكْمَتَكَ وَانْشُرْ عَلَيْنَا رَحْمَتَكَ يَا ذَاالْجَلَالِ وَالْاِكْرَام

**ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!**

(مستطرف ج ١ ص ۴٠ دار الفكر بيروت)

طالب غم مدينه بقيع و مغفرت

**(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)**

رسالي جو نالو: **جادوءِ جي باري ۾ معلومات**

تعداد:

ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينه عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينه ڪراچي

مدني التجا: ڪنهن کي بہ هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي

**ڪتاب خريد ڪندڙ توجھ فرمائن**

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اڳتي پوئتي ٿي ويا هجن تہ مڪتبة المدينه سان رابطو فرمايو.

شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت، بانيءِ دعوت اسلامي، حضرت علامہ

**مولانا ابوبلال محمد الياس عطار قادري رضوي**

دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه

جي ڪتاب ”نيڪي جي دعوت“ مان کنيل مضمون

# جادوءَ جي باري ۾ معلومات

ترجمو

ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي)

هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.

**رابطي جي لاءِ:**

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ محلہ سوداگران پراڻي سبزي منڊي ڪراچي**

**UAN:** ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

**Email:** translation@dawateislami.net

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# جادوءَ جي باري ۾ معلومات [1]

**دعاءِ عطار:** ياربّ المصطفیٰ! جيڪو بہ مڪمل رسالو ”جادوءَ جي باري ۾ معلومات“ پڙهي يا ٻڌي وٺي، ان کي جادو ۽ شرير جنن جي اثرات ۽ نظر بد کان محفوظ فرماءِ ۽ ان کي بي حساب بخشي ڇڏ.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## درود شريف جي فضيلت

اميرالمومنين، مسلمانن جي چوٿين خليفي حضرت علي المرتضي شير خدا رَضِيَ اللّٰهُ عَنْه فرمائن ٿا: جڏهن ڪنهن مسجد وٽان گذر ٿي تہ رسول اڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي درود پاڪ پڙهو.

(فضل الصلاة على النبى للقاضى الجهضمى، ص70، رقم:80)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب　　　صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## ٿي شرابي پائر دينيماحول ۾ اچي ويا

ضلع اوڪاڙه جي تعلقي ديپال پور (پنجاب پاڪستان) جي هڪ اسلامي ڀاءُ جي بيان جو خلاصو آهي: ديپال پور ۾ اسان جي خاندان جو شمار هتان جي امير ترين گهرن ۾ ٿيندو هيو پر

[1] هي مضمون ڪتاب ”نيڪي جي دعوت“ مان ڪنيو ويو آهي

افسوس! منهنجي هوش سنڀالڻ کان پهريان ئي منهنجو وڏو ڀاءُ بُرن دوستن جي صحبت جي ڪري شراب جو عادي بڻجي چڪو هيو، بري صحبت ۽ شراب نوشي جي سبب ڀاءُ اسان جي تعليم ۽ تربيت تي ڪا توجهه نه ڏني، نشي ڪانسواءِ ان کي ڪنهن شيءِ کان سروڪار نه هو، آهستي آهستي نشي جي عادت ان کي گهر جو سامان وڪڻڻ تي مجبور ڪيو ايستائين جو انهن ڪپڙي جي دڪان، فيڪٽري ۽ هڪ پوري مارڪيٽ جنهن ۾ ڪيترائي دڪان هئا نشي جي چڪر ۾ وڃائي ڇڏيا، گهر ۾ لڳل باهه کان پيلا گهر وارا ڪيئن ٿا بچي سگهجن! آخر اهو ئي ٿيو جنهن جو ڊپ هيو يعني ان کان ننڍو ۽ مون کان وڏو ڀاءُ به مُنَشِّيَات جو عادي ٿي ويو، ان باهه وڌيڪ زور پڪڙيو ۽ مان به ان جي وڪڙ ۾ اچي ويس ۽ مون کي به نشي جي عادت پئجي وئي، اَمڙ سائڻ جيڪا پهريان وڏي ڀاءُ جي نشئي هجڻ جي صدمي ۾ بيحال هئي، اسان سندن غم ۾ وڌيڪ اضافي جو سبب بڻجي وياسين، آخرڪار اسان جا نصيب ائين کليا جو اسان جو وچولو ڀاءُ جيڪو نشي جي آفت کان محفوظ هيو اهو عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوت اسلامي جي مهڪي مهڪي مشڪبار ديني ماحول ۾ اچڻ وڃڻ لڳو، ديني ماحول جي برڪت سان ڪڏهن ڪڏهن اسان کي به انفرادي ڪوشش جي ذريعي اجتماع ۾ وٺي وڃڻ ۾ ڪامياب ٿي ويندو هو پر اتي اسان جي دل نه لڳندي هئي پر منهنجي ڀاءُ انفرادي ڪوشش جاري رکي ۽ اسان کي محبت سان اجتماع ۾ وٺي

ويندو هيو، اَلحَمدلله پنهنجي ڀاءُ جي انفرادي ڪوشش جي برڪت سان اسان سڀئي ڀائر جيڪي ڪجھ عرصو پهريان نشي جا عادي هئاسين توبہ ڪري دعوت اسلامي جي ديني ماحول سان وابستہ ٿي ويا آهيون. مون کي جڏهن پنهنجو اڳوڻو دور ياد ايندو آهي تہ دل ڏکي پوندي آهي، جسم ڪانڊارجي ويندو آهي جيڪڏهن دعوت اسلامي جو ديني ماحول نہ ملي ها تہ اسان جو ڇا ٿئي ها؟ شايد ائين ٿئي ها اسان در در جون ٺوڪرون کائي رهيا هجون ها ۽ اسان کي اسان جا پنهنجا بہ ڌِڪاري ڇڏين ها، پر اَلحَمدلله ديني ماحول جي طفيل اسان جي گهر ۾ ٻيهر خوشين جي مدني بهار اچي وئي! الله پاڪ جا ڪروڙين احسان جو مان هي سٽون لکڻ وقت 63 ڏينهن جو مني تربيتي ڪورس ڪري رهيو آهيان ۽ سڀ کان وڏو ڀاءُ گهٽ مان گهٽ 17 مهينن کان عاشقان رسول سان گڏ سنتن جي تربيت جي مدني قافلي جو مسافر آهي.

دعوتِ اسلامی کی قیُوم — دونوں جہاں میں مچ جائے دُھوم
اِس پہ فدا ہو بچّہ بچّہ — یاالله مری جھولی بھر دے

(وسائلِ بخشش ص ۱۰۹)

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب — صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## هن مدني بهار جي ضمن ۾ نيڪي جي دعوت

پيارا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوهان! انفرادي ڪوشش جي ذريعي سنتن ڀري اجتماع ۾ شرڪت جي برڪت سان ٿي شرابي ڀائر

دعوت اسلامي جي ديني ماحول سان وابسته ٿي ويا، شرابيءَ جي خرابي اوهان ملاحظه فرمائي ته ان ڪارخانو، ڪپڙي جي دڪان ۽ پنهنجي مارڪيٽ سڀ ڪجهه نشي ۾ وڃائي ڇڏي!
واقعي شراب وڏي خراب شيءِ آهي، ان سان دنيا ۽ آخرت ٻئي داءُ تي لڳي ويندا آهن شراب تمام بري بلا آهي جو اهو دوا جي طور تي به نٿو پي سگهجي، جيئن ته حضرت طارق بن سُوَيد رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ شراب جي باري ۾ سوال ڪيو، حضور پُر نور صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم منع فرمايو، انهن عرض ڪيو: اسان ته ان کي دوا جي لاءِ ٺاهيندا آهيون، فرمايائون: هي دوا ناهي، هي ته پاڻ بيماري آهي. (مسلم ص 1097 حديث 1984) حضرت ابو موسيٰ اَشعري رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ کان روايت آهي نبيِّ اَڪرم صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمان عبرت نشان آهي: ٽي شخص جنت ۾ داخل نه ٿيندا، شراب تي مُداوَمَت ڪرڻ (يعني هميشه پيئڻ) وارو ۽ قاطِعِ رحم (يعني رشتيداري ٽوڙڻ وارو) ۽ جادو جي تصديق ڪرڻ وارو.
(مسند امام احمد بن حنبل ج 7 ص 139 حديث 19586)

## جادو جي باري ۾

حضرت علامه ملا علي قاري رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡہ حديث شريف جي هن حصي ”۽ جادو جي تصديق ڪرڻ وارو“ جي حوالي سان فرمائن ٿا: هن مان مراد اهو شخص آهي جيڪو جادو جي تاثير بِذاته (يعني الله جي ڏيڻ بغير خودبخود تاثير هجڻ) جو قائل هجي .
(مرقاة المفاتيح ج 7 ص 242 تحت الحديث 3656)

## جادوءِ جِنّ جي وجود جو انڪار ڪفر آهي

پيارا اسلامي ڀائرو! ”جادو“ جو وجود قرآن شريف مان ثابت آهي تنهنڪري ان جو اِعتِقاد رکڻ تہ جادو جو وجود ئي ناهي بس ائين ماڻهن جون ڳالهيون آهن، هي ڪفر آهي. ائين جِنّ جي وجود جو انڪار ڪرڻ بہ ڪفر آهي.

## مالڪ بن دينار جي ڳڻتي

حضرت مالڪ بن دينار رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: اسان دنيا جي محبت تي پاڻ ۾ صلح ڪري ورتي آهي، تنهنڪري هاڻي نہ اسان پاڻ ۾ نيڪي جو حڪم ڏيون ٿا ۽ نہ ئي هڪٻئي کي برائي کان منع ڪيون ٿا، الله پاڪ اسان کي هن حال ۾ نہ رکي، نہ تہ خبر ناهي اسان تي ڪهڙو عذاب نازل ڪيو ويندو!

(شعب الايمان ج 6 ص 97 حديث 7596)

## پاڙي وارو باهہ جو پوڄاري مسلمان ٿي ويو

پيارا اسلامي ڀائرو! مالڪ بن دينار رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه صديون پراڻا بزرگ آهن، پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه پنهنجي دؤر جي حالت بيان ڪري عذاب جي تشويش جو اظهار فرمايو، جڏهن تہ هاڻي تہ حالات ويتر خراب آهن، صد ڪروڙ افسوس! هاڻي تہ مسلمانن جو وڏو تعداد هڪ ٻئي کان وڌيڪ دنيا جو شيدائي ٿي چڪو آهي ۽ حالات ايترا خراب ٿي چڪا آهن جو ڪنهن کي نيڪي جي دعوت ڏيڻ تہ پري جي ڳالهہ! نيڪي جي دعوت ڏيڻ وارن جي باقاعدي مخالفت ڪئي ويندي آهي. برائي کان ڪنهن کي منع ڪرڻ تہ

پري رهيو پر هاڻي خوب برائي جي دعوت پيش ڪئي وڃي ٿي، هاءِ افسوس! نه پنهنجي اصلاح جو فڪر آهي، نه گهر ٻار جي سڌاري جي پرواهه، ۽ نه ئي پاڙي وارن جي آخرت بهتر بڻائڻ جي سوچ آهي، بهرحال اسان کي گهرجي ته اسان پاڻ به سڌرڻ جي ڪوشش ڪيون، ۽ ٻين اسلامي ڀائرن کي به نيڪي جي دعوت پيش ڪيون ۽ پاڙي وارن تي به انفرادي ڪوشش ڪندا رهون. اَلْحَمْدُ لِلّٰه! اسان جي بزرگان دين رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهِم جا پنهنجي پاڙي وارن تي انفرادي ڪوشش جا ڪيئي واقعا ملن ٿا، جيئن ته شمعون نالي هڪ باهه جو پوڄاري حضرت حسن بصري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو پاڙيسري هيو جڏهن ان جي انتقال جو وقت آيو ته پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ان وٽ تشريف وٺي ويا، ڇا ٿا ڏسن ته ان جو سڄو جسم باهه جي دونهن جي ڪري ڪارو ٿي ويو آهي! پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ان تي انفرادي ڪوشش ڪندي ان کي اسلام قبول ڪرڻ جي دعوت پيش ڪئي ۽ رحمتِ الٰهي جي اميد ڏياري، ان عرض ڪيو: مان ٽن شين جي ڪري اسلام کان پري آهيان: ﴿1﴾ جڏهن اسلام جي ويجهو دنيا تمام بُري شيء آهي ته پوءِ توهان ماڻهو هن جي حصول جي جستجو ڇو ٿا ڪيو؟ ﴿2﴾ موت کي يقيني تصور ڪرڻ باوجود ان جي لاءِ تياري ڇو نٿا ڪيو؟ ﴿3﴾ توهان جي چوڻ مطابق ديدارِ الٰهي تمام وڏي نعمت آهي پوءِ توهان دنيا ۾ ان جي مرضي جي خلاف ڪم ڇو ٿا ڪيو؟ حضرت حسن بصري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ارشاد فرمايو: انهن سيني شين جو تعلق ته اعمال سان آهي عقائد سان ناهي، تون اهو ته

غور ڪر تہ باھہ جي پوڄا ۾ وقت ضايع ڪري تو ڇا حاصل ڪيو؟ مومن چاھي ڪھڙو بہ ھجي گھٽ ۾ گھٽ اللّٰہ پاڪ جي وحدانيت (يعني ھڪ ھجڻ) کي تسليم ڪندو آھي، ڏسو! توھان 70 سال تائين ان باھہ کي پوڄيو آھي ان جي باوجود اسان ٻئي باھہ ۾ ٽپو ڏيون ٿا تہ ھي اسان ٻنھي کي برابر ساڙيندي يقيناً تنھنجي عبادت ڪرڻ توکي نہ بچائي سگھندي، ھا منھنجي مالڪ و مولىٰ ۾ ھي طاقت ضرور آھي تہ جيڪڏھن اھو چاھي تہ ھي باھہ مون کي ذري برابر بہ نقصان نہ پھچائي سگھندي. ھي فرمائي پاڻ رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَيْہ پنھنجي ھٿ ۾ باھہ کنئي پر ان پاڻ رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَيْہ کي ڪو نقصان نہ پھچايو، ھي ڏسي شمعون گھڻو متاثر ٿيو پر اداس ٿي چوڻ لڳو: ”مان ستر سالن کان آتش پرستي ۾ مبتلا رھيس، ھاڻي آخري وقت ۾ ڇا مسلمان ٿيان“! پاڻ رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَيْہ ان تي انفرادي ڪوشش جاري رکي، آخرڪار ان عرض ڪيو: مان ھن شرط تي مسلمان ٿي سگھان ٿو اوھان مون کي ھي عھد نامو لکي ڏيو تہ منھنجي مسلمان ٿيڻ کان پوءِ اللّٰہ پاڪ منھنجي سيني گناھن جي بخشش فرمائي ڇڏيندو پاڻ رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَيْہ ان مضمون جو عھدنامو لکي ڪري ان جي حوالي ڪيو، پر ان چيو: ھن تي عادل ماڻھن جي گواھي بہ درج ڪرايو. ”پاڻ رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَيْہ ھن جو اھو مطالبو بہ پورو ڪيو، ان کان پوءِ اھو مسلمان ٿي ويو ۽ وصيت ڪئي تہ منھنجي مرڻ کان پوءِ مون کي اوھان پاڻ غسل ڏئي ھي ”عھد نامو“ منھنجي ھٿ ۾ ڏجو تہ جيئن ميدانِ محشر ۾ منھنجي مؤمن ھجڻ جو ثبوت

ٻڌجي سگهي. هي وصيت ڪرڻ کان پوءِ ان ڪلمو شهادت پڙهيو ۽ ان جو روح جسم مان پرواز ڪري ويو، پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ان جي وصيت پوري فرمائي، انهيءَ رات پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه خواب ۾ ڏٺو تہ هُو تمام قيمتي لباس، نقش ۽ نگار سان سينگاريل تاج پائي جنت سِير ڪري رهيو آهي، پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه پڇا ڪئي: تو تي ڇا گذريو؟ ان عرض ڪيو: ”خداءِ پاڪ منهنجي مغفرت فرمائي ڇڏي ۽ مون کي اهڙن انعامن سان نوازيو جو ٻڌائي نٿو سگهان، تنهنڪري هاڻي اوهان تي ڪو بار ناهي ۽ هي ”عهد نامو“ واپس وٺو ڇوتہ هاڻي مون کي ان جي حاجت ناهي.“ جڏهن بيدار ٿيا تہ اهو عهدنامو سندن هٿ ۾ موجود هيو، پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هن ڪاميابي تي الله پاڪ جو شڪر ادا ڪيو

(تذکرۃ الاولیاء ج 1 ص 41)

الله پاڪ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي.

اٰمِين بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِيّن صَلَّی اللہُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

زمانے بھر میں مچا دیں گے دھوم سنّت کی
اگر کرم نے ترے ساتھ دے دیا یاربّ

(وسائل بخشش ص ۹۵)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## مان ٻاهر جي اندر پورا 20 منٽ ويٺو رهيس

پيارا اسلامي ڀائرو! الله وارن جو شان اعليٰ ۽ مٿانهون هوندو آهي جو اهي نيڪي جي دعوت بہ ڏيندا آهن، الله پاڪ جي

عنايت سان ڪرامت بہ ڏيڪاريندا آهن ۽ ايمان جي نعمت ڏياري جنت ۾ داخلي جي صورت بہ ٻڌائيندا آهن، بهرحال پاڙي وارن جي فڪر رکڻ گهرجي ۽ انهن کي نيڪي جي دعوت کان محروم نہ ڪرڻ گهرجي، ها غير مسلم سان دوستي رکڻ جي اجازت ناهي جو هڪ عام ماڻهو هي ذهن ٺاهي تہ مان هن حيلي سان ان کي مسلمان ڪندس، باقي جيڪو عالم دين ان غير مسلم جي مذهب ۽ باطل عقيدن جي رد تي قدرت رکندو هجي اهو بيشڪ شريعت جي دائري ۾ رهي ڪري ان کي اسلام ۾ آڻڻ جي لاءِ پنهنجي ويجهو ڪري ۽ ان کي اسلام ڏانهن رغبت ڏياري ۽ ان جي اعتراضن جا جواب ڏئي، ڪرامت جي برڪت سان سوين باهہ جي پوڄارين کي اسلام ۾ داخل ڪرڻ جي باري ۾ حياتِ اعليٰ حضرت جلد پهريون صفحي 183 کان 184 تي بيان ٿيل هڪ ايمان افروز حڪايت ٻڌو، جنهن ۾ منهنجا آقا اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جي بي مثال تقويٰ جو بہ تذڪرو آهي، حڪايت کي ڪجهہ آسان انداز ۾ پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪيان ٿو، جيئن مولانا حسين ميرٺي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: حضرت پير عبدالحميد صاحب بغدادي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه هِند جي صوبي گجرات جي هڪ شهر بَڑَوده ۾ تشريف وٺي آيا ۽ جامع مسجد ۾ هڪ ڏينهن مغرب جي نماز پڙهائي، مون قرآن شريف جي تلاوت جي اهڙي تاثير ڪڏهن نہ ڏٺي هئي، معلومات وٺي ڪري انهن سان ملڻ جي لاءِ سندن قيام گاهہ تي ويس، اعجازِ قرآني جي سلسلي ۾ پير صاحب پنهنجو هڪ ايمان افروز واقعو ٻڌائيندي فرمايو: مان هڪ ڀيري ”ايران“ ويس، اُتي هڪ پراڻي آتشڪده کان تعلق رکڻ واري باهہ جي پوڄارين سان منهنجي

مناظري جي ترڪيب ٿي، مون چئي ڇڏيو ته جنهن باهه جي توهان پوڄا ڪيو ٿا ان جي اندر وڃي پڇيو ته اها پنهنجي پوڄڻ وارن جي به ڪا رعايت ڪري ٿي يا انهن کي ساڙي ڇڏي ٿي! منهنجي هن ڳالهه کي انهن مذاق سمجهيو، پر هڪ وقت مقرر ڪيو ويو، مقرر وقت تي سڄو شهر هي ”انوکو مناظرو“ ڏسڻ جي لاءِ اُٿلي پيو، مون ان پوڄاري کي چيو: هلو باهه جي اندر! اهو گهٻرائجي ويو، اَلْحَمْدُ لِلّٰه! مان آتشڪده جي اندر داخل ٿي ويس ۽ شعلن واري باهه جي اندر پورا 20 منٽ ويٺو رهيس، پوءِ خير ۽ عافيت سان ٻاهر نڪري آيس. هي منظر ڏسي ڪيترن ئي باهه جي پوڄارين توبه ڪري اسلام قبول ڪيو، حضرت مولانا حسين ميرٺي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: مون پڇيو: اوهان ايڏي همت ڪيئن ڪئي؟ فرمايائون: باهه ۾ داخل ٿيڻ وقت مون قرآن ڪريم هٿ ۾ ڪنيو هو ۽ منهنجو ذهن هي ٻڌيل هو ته جڏهن قرآن پاڪ اسان کي جهنم جي باهه کان بچائي سگهي ٿو ته دنيا جي معمولي باهه کان ڇو نٿو بچائي سگهي! ان بزرگ سان مون سرڪار اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي نماز جي باري ۾ هڪ مخصوص احتياط جي باري ۾ ذڪر ڪيو ته اهي بيحد متاثر ٿيا، ٻئي ڏينهن منهنجي ان سان وري ملاقات ٿي ته فرمايائون: اڄ سڄي رات روئيندي گذري اهو ئي چوندو رهيس ته خداوند! تنهنجا اهڙا ٻانها به آهن جيڪي انهي احتياط سان نماز پڙهندا آهن.

(حيات اعليٰ حضرت ص 183، 184 بتغير)

اللہ! کیا جہنّم اب بھی نہ سرد ہو گا!
رو رو کے مصطفٰے نے دریا بہا دیئے ہیں

(حدائقِ بخشش شریف)

**شرح ڪلامِ رضا:** هن شعر ۾ منهنجا آقا اعليٰ حضرت، مولانا شاهه امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه خداءِ غفار جي دربار عاليشان ۾ عرض گذار آهن: ياالله! ڇا جهنم جي باهه غلامانِ مصطفيٰ جي حق ۾ اجا بہ ٿڌي نہ ٿيندي! اي منهنجا پيارا پروردگار! تنهنجي پياري حبيب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجي اُمت جي بخشش جي لاءِ دعائون ڪندي ايترا تہ رُنا آهن جو روئي روئي دريا وهائي ڇڏيا آهن.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب　　　صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## دماغ معطر ٿي ويو

**پيارا اسلامي ڀائرو!** پنهنجي دل جي اندر اولياءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللهُ السَّلَام جي محبت جي شمع جلائڻ، فيضان اولياءِ ماڻڻ ۽ دنيا ۽ آخرت کي بهتر بڻائڻ جي لاءِ دعوت اسلامي جي ديني ماحول سان هر دم وابستہ رهو، اوهان جي شوق جو جذبو وڌائڻ جي لاءِ هڪ مدني بهار اوهان جي سامهون بيان ڪيان ٿو، جيئن ڊيرا مراد جمالي (بلوچستان) جي مقيم اسلامي ڀاءُ جي تحريري بيان جو خلاصو پيش خدمت آهي: دعوت اسلامي جي مهڪي مهڪي مدني ماحول سان وابستگي کان پهريان گناهن ڀري زندگي بسر ٿي رهي هئي، منهنجي زندگي ۾ بهار هيئن آئي جو هڪ ڏينهن معمول مطابق مان پنهنجي ميڊيڪل اسٽور تي وينو هيس، هڪ اسلامي ڀاءَ مون وٽ تشريف وٺي آيو ۽ مون تي انفرادي ڪوشش ڪندي ان مون کي بين الاقوامي سنتن ڀري اجتماع ۾ شرڪت جي دعوت پيش ڪئي پر مون ان جي ڳالهه

ٻڌي اڻ ٻُڌي ڪري ڇڏي، اصلاحِ امت جي جذبي سان سرشار ان عاشق رسول جا حوصلا پست ٿيڻ جي بدران ڇڻ ويتر وڌي ويا انهن مون تي انفرادي ڪوشش برابر جاري رکي، اَلحَمدُلله مان ان جي محبت ۽ مستقل **انفرادي ڪوشش** جي نتيجي ۾ بين الاقوامي سنتن ڀري اجتماع ۾ شرڪت جي لاءِ تيار ٿي ويس، جڏهن مان اجتماع گاهه جي پُرنور فضائن ۾ پهتس ته عاشقانِ رسول جو سمنڊ ڏسي بيحد متاثر ٿيس. تلاوت قرآن پاڪ، سنتن ڀرين بيانن، پُرسوز نعتن ۽ **ذِڪرُالله** جي پُرڪيف صدائون منهنجي دماغ کي معطر ۽ جسم ۽ روح کي مسلسل تازگي بخشي رهيون هيون، مون اڳوڻن گناهن کان توبہ ڪئي ۽ هٿو هٿ ڏاڙهي سجائڻ جي نيت ڪئي ۽ دعوت اسلامي جي تحت راهه خدا جي سنتن جي تربيت جي لاء سفر ڪرڻ وارن عاشقان رسول جي ديني قافلي ۾ سفر جو ذهن بہ ٺايو، اَلحَمدُلله دعوت اسلامي جي مهڪندڙ مهڪندڙ مشڪبار ديني ماحول سان وابستگي جي برڪت سان مون گنهگار کي نيڪين سان محبت ۽ گناهن کان نفرت جو عظيم جذبو نصيب ٿي ويو.

ہیں اسلامی بھائی سبھی بھائی بھائی ہے بے حد محبت بھرا مَدَنی ماحول
یقینا مقدّر کا وہ ہے سکندر جسے خیر سے مل گیا مَدَنی ماحول

(وسائلِ بخشش ص ۶۰۲)

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## مدني بهار جي ضمن ۾ ”نيڪي“ جي باري ۾ نيڪي جي دعوت

پيارا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوهان! اسلامي ڀاءَ جي انفرادي ڪوشش جي اِستقامت آخرڪار رنگ لاتو ۽ گناهن ڀري زندگي گذارڻ وارو نوجوان سنتن ڀري اجتماع ۾ اچي ويو ۽ عاشقان رسول جي صحبت ۽ برڪت گنهگار کي نيڪو ڪار بڻائي ڇڏيو، ان کي ڏاڙهي وڌائڻ، نيڪيون اپنائڻ ۽ گناهن کان پيڇو ڇڏائڻ جو جذبو ملي ويو، واقعي نيڪيون ڪرڻ وڏي سعادت جي ڳالهه آهي. نيڪي گناهه مٽائي ٿي عذاب قبر ۽ جهنم کان بچائيندي ۽ جنت ڏياريندي آهي. دعوت اسلامي جي مڪتبة المدينہ جي ترجمي واري قرآن ”ڪنزالايمان مع خزائِنُ العِرفان“ صفحي 438 تي سيپاري 12 سورة هود آيت نمبر 114 ۾ الله پاڪ جو ارشاد بشارت بنياد آهي:

| | |
|---|---|
| اِنَّ الۡحَسَنٰتِ يُذۡهِبۡنَ السَّيِّاٰتِ ؕ | **ترجمو ڪنزالايمان**: بيشڪ چڱايون برائين کي مٽائي ڇڏينديون آهن |

### ٻه فرمان مصطفيٰ ﷺ

﴿1﴾ جتي بہ رهو الله پاڪ کان ڊڄندا رهو ۽ گناهه کان پوءِ نيڪي ڪندا ڪيو اها نيڪي ان گناهه کي مٽائي ڇڏيندي، ۽ ماڻهن سان سٺي اخلاق سان پيش اچو. (ترمذي ج 3 ص 397 حديث 1994)

﴿2﴾ بيشڪ گناهه کان پوءِ نيڪي ڪرڻ واري جي مثال ان شخص جيان آهي جنهن جي سوڙهي زِرهه ان کي گهٽو ڏنو هجي، پوءِ اهو نيڪ عمل ڪري تہ ان جي زِرهه جو هڪ ڪڙو

ڪلي وڃي پوءِ جڏهن اهو ٻي نيڪي ڪري ته ان جو ٻيو ڪڙو به ڪلي وڃي ايستائين جو اها زِرهه زمين تي ڪري پوي.

(مسند امام احمد بن حنبل ج 6 ص 121 حديث 17309)

## گناهه مٽائڻ جو نسخو

پيارا اسلامي ڀائرو! هن آيت شريف ۾ ٻن فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مان خبر پئي ته جڏهن گناهه سرزد ٿئي ته ڪا نيڪي ڪرڻ گهرجي مثلاً درود شريف، ڪلمو پاڪ وغيره پڙهي وٺي، حضرت ابوذر غِفاري رَضِيَ اللهُ عَنْهُ فرمائن ٿا: مون ڪي نصيحت ڪندي مديني جا سلطان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: جڏهن به توکان ڪو برو عمل سرزد ٿئي ته ان ڪان پوءِ نيڪ ڪم ڪري وٺ هي نيڪي ان برائي کي مٽائي ڇڏيندي آهي، مون عرض ڪيو: يارسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! ڇا لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ چوڻ نيڪين مان آهي؟ فرمايائون: هي ته افضل ترين نيڪي آهي.

(مسند امام احمد ج 8 ص 13 حديث 21543)

## توبه جي ارادي سان گناهه ڪرڻ ڪفر آهي

هي حديث پاڪ پڙهي ڪري مَعَاذَالله ڪو هي نه سمجهي ته تمام سنو نسخو هٿ اچي ويو! هاڻي ته خوب گناهه ڪندا رهنداسين ۽ لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ چئي ڇڏينداسين ته گناهه ختم ٿي ويندا، خدا جو قسم! هي شيطان جو تمام وڏو ۽ بُرو وار آهي، هن ارادي سان گناهه ڪرڻ ته بعد ۾ توبه ڪري وٺندس هي اشد ڪبيره يعني سخت ترين گناهه آهي، بلڪ حضرت مفتي احمد يار

خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه نور العِرفان صفحي 376 تي سورة يوسف جي آيت نمبر 9 جي حوالي سان فرمائن ٿا: ”**توبہ جي ارادي سان گناھ ڪرڻ ڪفر آهي**.“

بوقتِ نَزع سلامت رہے مرا ایماں — مجھے نصیب ہو کلمہ ہے التجا یاربّ
جو ”مَدَنی کام“ کریں دل لگا کے یااللہ — اِنہیں ہو خواب میں دیدارِ مصطفٰے یاربّ
تری محبت اُتر جائے میری نَس نَس میں
پئے رضا ہو عطا عشقِ مصطفٰے یا ربّ

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب — صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## پاڙي واري ڪي برائي کان نہ روڪڻ جو وبال

**پيارا اسلامي ڀائرو!** پاڙي وارن جا تمام گهڻا حق آهن، انهن جي بجا آوري جي لاءِ اسان کي هر وقت ڪوشش ڪرڻ گهرجي، پاڙي وارن کي سنتن ڀري اجتماع ۾ شرڪت ۽ مدني قافلي ۾ سنتن ڀري سفر وغيره جي دعوت ڏيڻ کان غفلت نہ ڪرڻ گهرجي، ۽ انهن کي مَعَاذَالله گناهن ۾ مبتلا ڏسو تہ انهن کي بچائڻ جي لاءِ ڀرپور ڪوشش ڪرڻ گهرجي، حضرت مالڪ بن دينار رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: مون تورات شريف ۾ پڙهيو تہ جنهن جو پاڙي وارو نافرماني ۾ مبتلا هجي ۽ هي ان کي نہ روڪي تہ هي بہ ان گناھ ۾ شريڪ آهي.

(الزھد للامام احمد ص 134 رقم 527)

## پاڙيسري قيامت جي ڏينهن دعويٰ ڪندو

پاڙيسري کي نيڪي جي دعوت ڏيڻ ۽ گناهن کان منع ڪرڻ

جي تمام گهڻي اهميت آهي جيئن هاڻي جيڪا روايت پيش ڪئي پئي وڃي هن ۾ ظاهر آهي جيئن ته حضرت ابوهريره رَضِیَ اللہُ عَنْہُ فرمائن ٿا: اسان هي ڳالهه ٻڌي آهي ته قيامت جي ڏينهن هڪ شخص ٻئي جي خلاف دعويٰ ڪندو حالانڪ اهو ان کي سڃاڻندو به نه هوندو، مُدَّعيٰ عَلَيهِ (يعني جنهن تي دعويٰ ڪئي وئي) چوندو: تنهنجو مون تي ڪهڙو حق آهي؟ مان ته تو کي (صحيح طرح) سڃاڻان به نه ٿو، مُدَّعِي(يعني دعويٰ ڪرڻ وارو) چوندو: تون مون کي گناهه ڪندي ڏسندو هئين ۽ مون کي منع نه ڪندو هئين.

(الترغيب والترهيب ج 3 ص 186 حديث 3546)

## بي نمازي پاڙيسري کي نماز جي دعوت ڏيو

پيارا اسلامي ڀائرو! بيان ڪيل ٻنهي روايتن مان خبر پئي ته پاڙي وارن کي به ضرور نيڪي جي دعوت ڏيڻ ۽ برائي کان منع ڪرڻ گهرجي، اوهان جو پاڙي وارو جيڪڏهن بي نمازي آهي ته ان کي نماز جي دعوت ڏيو، جيڪڏهن اهو نمازي آهي ۽ جماعت ۾ سستي ڪري ٿو ته ان کي جماعت جي تلقين ڪيو، ايستائين جو جيڪڏهن اوهان جو غالب گمان آهي ته سمجهائڻ سان جماعت سان نماز پڙهڻ شروع ڪندو ته هاڻي ان کي سمجهائڻ واجب ٿي ويو نه سمجهائيندا ته گنهگار ٿيندا، جيئن ته دعوت اسلامي جي شايع ٿيل 1250 صفحن تي مشتمل ڪتاب "بهار شريعت" جلد اول صفحي 582 تي آهي: عاقل، بالغ حُر (يعني آزاد) قادر (يعني قدرت رکندڙ) تي جماعت واجب آهي، بنا عذر هڪ ڀيري ڇڏڻ وارو گنهگار ۽ سزا جو حقدار آهي ۽

ڪيئي ڀيرا ترڪ ڪرڻ وارو تہ فاسق مَرۡدُوۡدُ الشَّهادة (يعني ان جي گواهي قابل رد آهي) ۽ ان ڪي سخت سزا ڏني ويندي، جيڪڏهن پاڙي وارن سڪوت ڪيو (يعني خاموشي اختيار ڪئي) تہ اهي بہ گنهگار ٿيا.

(درمختار و ردالمحتار ج 2 ص 340 غنيه ص 508)

## امام ڪي گهرجي تہ مقتدي جي نگراني ڪري

مسجدن جي پيش امامن جي خدمت ۾ مشوري طور عرض آهي تہ اهي پنهنجي مقتدين جي نگراني ڪندا رهن تہ انهن مان ڪير جماعت سان نماز پڙهي ٿو ۽ ڪير نہ، جيڪڏهن ڪو نمازي ڪنهن نماز ۾ غير حاضر ٿئي تہ ان جي گهر وڃي يا فون ڪري ان جي خبر گيري ڪري، بيمار ٿي پيو آهي تہ عيادت ڪري ۽ سستي جي ڪري نہ آيو تہ نيڪي جي دعوت ڏي ۽ هي صرف امام صاحبان جي لاءِ ناهي سيني اسلامي ڀائرن کي هي انداز اختيار ڪرڻ گهرجي.

## فاروق اعظم فجر ۾ غير حاضر رهڻ واري جي معلومات ڪئي

اميرُالمؤمنين، مسلمانن جي ٻئين خليفي حضرت عمر فاروق اعظم رضی اللہ عنہ جي نمازين جي خبرگيري جي هڪ روايت ملاحظ فرمايو ۽ ان جي مطابق عمل جو ذهن بڻايو جيئن امير المومنين فاروق اعظم رضی اللہ عنہ صبح جي نماز ۾ حضرت سُليمان بن ابي حَثۡمَہ رضی اللہ عنہ کي نہ ڏٺو، بازار تشريف وٺي ويا رستي ۾ سُليمان

جو گهر هو ان جي امڙ حضرت شِفا رَضِیَ اللہُ عَنْہا وٽ تشريف وٺي ويا ۽ فرمايو تہ صبح جي نماز ۾ مون سُليمان کي نہ ڏٺو! انهن چيو: رات جو نماز (يعني نفل) پڙهندا رهيا پوءِ ننڊ اچي ويس، عمر فاروق اعظم رَضِیَ اللہُ عَنْہُ فرمايو: صبح جي نماز باجماعت پڙهان هي منهنجي ويجهو ان کان بهتر آهي جو رات جو قيام کيان (يعني سڄي رات نفل پڙهان)

(موطا امام مالک ج 1 ص 134 حديث 300)

## اجتماع ذکر و نعت جي ڪري جماعت نہ ڇڏڻ گهرجي

پيارا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوهان! عمر فاروق اعظم رَضِیَ اللہُ عَنْہُ گهر وڃي خبر چار لڌي، هن روايت مان هي بہ خبر پئي تہ سڄي رات نفل پڙهڻ يا اجتماعِ ذکر و نعت ۾ رات جو دير تائين شرڪت ڪرڻ جي سبب صبح جي نماز قضا ٿي وڃڻ تہ پري جي ڳالهہ آهي جيڪڏهن فجر جي جماعت بہ هلي وڃي تہ لازم آهي تہ اهڙي طرح جا مُستَحبات ڇڏي ڪري رات جو آرام ڪري ۽ باجماعت فجر جي نماز ادا ڪري.

## نماز جي وقت سمهڻ واري جو مٿو ڇيپاڻڻ جو عذاب

جيڪي ماڻهو رات جو ڪچهريون ڪندا ۽ خوب محفلون سجائيندا آهن ۽ فجر جي نماز کان پهريان سمهي رهندا آهن ۽ نماز کان پاڻ کي محروم ڪري ڇڏيندا آهن انهن جي لاءِ فکر جو مقام آهي، جيئن تہ سرڪارِ مدينہ منوَّره، سردارِ مڪّہ مڪرَّمہ صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم صحابہ ڪرام عَلَیْھِمُ الرِّضْوَان کي فرمايو: اڄ رات بہ شخص (يعني جبرئيل عَلَیْہِ السَّلَام ۽ ميڪائيل عَلَیْہِ السَّلَام) مون وٽ آيا ۽

مون کي مُقدَّس جڳهه وٺي ويا، مون ڏٺو تہ هڪ شخص ليٽيل آهي ان جي سيراندي کان هڪ شخص پٿر کنيو بيٺو آهي ۽ لاڳيتو پٿر سان ان جو مٿو چيپاڻي رهيو آهي، هر ڀيري چيپائڻ کان پوءِ ان جو مٿو وري ٺيڪ ٿي وڃي ٿو، مون فِرشتن کي چيو: سبحٰن الله هي ڪير آهي؟ انهن عرض ڪيو: اڳتي تشريف وٺي هلو (وڌيڪ منظر ڏيکارڻ کان پوءِ) فِرشتن عرض ڪيو: پهريون جيڪو شخص اوهان ڏٺو هي اهو آهي جنهن قرآن پڙهيو پوءِ ان کي ڇڏي ڏنو، ۽ فرض نمازن جي وقت سمهي رهندو هو ان سان قيامت تائين هي ورتاؤ ڪيو ويندو.

(ملخص از صحيح بخاري ج 4 ص 425 حديث 7047)

میں پانچوں نمازیں پڑھوں باجماعت
ہو توفیق ایسی عطا یا الٰہی

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## فلمن جون 2000 V.C.Ds پڃي ڇڏيون

پيارا اسلامي ڀائرو! نمازن جي عادت بڻائڻ، سنتون اپنائڻ، نيڪين جي عادت ماڻڻ ۽ گناهن جي نحوست کان پيڇو ڇڏائڻ جي لاءِ دعوت اسلامي جي ديني ماحول سان وابستہ ٿي وڃو، اچو! اوهان جي ترغيب ۽ تحريص جي لاءِ هڪ مدني بهار ٻڌايان: ايشيا جي سڀ کان وڏي ڪچي آبادي اورنگي ٽاؤن (ڪراچي) ۾ مقيم اسلامي ڀاءُ جي مڪتوب جو خلاصو آهي: دعوت اسلامي جي ديني ماحول ۾ اچڻ کان پهريان مان نيڪين

ڪان پري گناھن جي وادين ۾ قيد ھيس، نفساني خواھشن کي پورو ڪرڻ جڻ منھنجي حياتي جو مقصد بڻجي چڪو ھو، فحش فلمون ۽ ڊراما ڏسڻ سان گڏوگڏ طرح طرح جي ٻين برائين جي نحوستن جو شڪار ھئس، منھنجي نيڪين کان حد درجي جي غفلت ۽ فلمن ڊرامن ڪان جنون جي حد تائين محبت جو اندازو ھن ڳالھ مان لڳائي سگھجي ٿو تہ گھران مون کي جيڪو مھيني جو ھڪ ھزار جيب خرچ ملندو ھو ان مان نئين نئين فلمن ۽ ڊرامن جون V.C.Ds وٺي ايندو ھئس، ايستائين جو مون وٽ بہ ھزار (2000) کان وڌيڪ وي سي ڊيز جمع ٿي چڪيون ھيون! اَلْحَمْدُ لِلّٰه! منھنجي قسمت ۾ نيڪ ھدايت لکيل ھئي جنھن جي صورت ڪجھ ائين بڻي جو ھڪ ڏينھن ھڪ عاشق رسول سبز سبز عمامي جو تاج سجائي مون وٽ تشريف وٺي آيو ۽ انفرادي ڪوشش ڪندي مون کي فڪر آخرت جي باري ۾ ڪجھ ائين نيڪي جي دعوت ڏني جو خوفِ خدا منھنجي رڳ رڳ ۾ سمائجي ويو، بُرين عادتن ۽ گندن خيالن جو محل ڍھي پٽ ٿي ويو، ان عاشق رسول جي حسن اخلاق ۽ انفرادي ڪوشش جي برڪت سان مان دعوت اسلامي جي ھفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ حاضر ٿي ويس، اتي سنتن ڀري بيان منھنجي گناھن جي عادي دل کي تبديل ڪري ڇڏيو ۽ آخر ۾ گھري ويندڙ رقت انگيز دعا جو دل تي ايترو اثر ٿيو جو گھر اچي مون فلمن جون سيئي V.C.Ds ٽوڙي ڇڏيون. دعوت

اسلامي جي ديني ماحول سان وابستگي جي برڪت سان مون دعوت اسلامي جي مڪتبة المدينہ جون سنتن ڀري بيان جون ڪيسٽون گهر ۾ آڻي پاڻ بہ ٻڌيون ۽ گهر وارن کي بہ ٻڌڻ جي لاءِ ڏنيون تہ ان جي برڪت سان اَلْحَمْدُ لِلّٰه! اسان جو سڄو گهر ديني ماحول سان وابستہ ٿي ڪري قادري رضوي سلسلي ۾ داخل ٿي ويو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## نيڪ ٻانهن جو شان

پيارا اسلامي ڀائرو! سنتن ڀريي اجتماع جي برڪتن جي ڇا ڳالهہ ڪجي! هن ۾ عاشقان رسول جون صحبتون، قُربتون ۽ برڪتون نصيب ٿينديون آهن، ان ۾ ڪيترائي اللّٰه پاڪ جا مقبول ٻانها هوندا آهن جيڪي جيتوڻيڪ سڃاتا نہ ٿا وڃن پر انهن جي برڪتن سان ٻيڙو پار ٿي ويندو آهي، علماءِ ڪرام فرمائن ٿا: جتي چاليهہ مسلمان صالح (يعني نيڪ مسلمان) جمع ٿيندا آهن انهن ۾ هڪ ولي اللّٰه ضرور هوندو آهي. (فتاويٰ رضويه ج 24 ص 184 تيسير شرح جامع الصغير تحت الحديث 714 ج 1 ص 312) فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪيئي وڪريل وار، غبار آلود بدن وارا ۽ ٻن پراڻن ڪپڙن وارا اهڙا آهن جن جي پرواهہ ناهي ڪئي ويندي جيڪڏهن اهي اللّٰه پاڪ جو قسم کڻن تہ اللّٰه پاڪ انهن جو

قسم پورو فرمائيندو آهي ۽ بَراء بن مالک (رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ) انهن ماڻهن مان آهي.

(سنن ترمذي ج 5 ص 460 حديث 3880)

اپنے اچّھے اچّھے بندوں کے طفیل اے کبریا
مجھ نکمّے اور بُرے بندے کو بھی اچّھا بنا

اٰمِين بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِيّن صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## حضرت براء بن مالک رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ جي قبوليتِ دعا جي حڪايت

مذڪوره حديث جي راوي سرڪار مدينه صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي هن فرمان عاليشان جي نتيجي ۾ هڪ ايمان افروز حڪايت بيان فرمائي آهي. اوهان به ٻڌو ۽ ايمان تازو ڪيو جيئن ته راوي چون ٿا: هڪ ڀيري مسلمانن ڪافرن سان مهاڏو اٽڪايو ته ڪافرن مسلمانن کي سخت نقصان پهچايو. ته مسلمانن جمع ٿي حضرت بَراء بن مالک رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ کي گذارش ڪئي: اي براء! پنهنجي ربّ جو قسم ڏئي فتح جي لاءِ دعا ڪر! انهن عرض ڪيو: يا الله! مان تو کي تنهنجو ئي قسم ڏئي دعا ڪيان ٿو ته اسان کي ڪافرن تي غلبو عطا فرماءِ ۽ مون کي پنهنجي نبي (صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) وٽ پهچاءِ (يعني شهادت عطا فرماءِ) هڪدم ئي سندن جي دعا قبول ٿي ۽ مسلمانن کي فتح نصيب ٿي ۽ انهيءَ ويڙهه

۾ حضرت براء بن مالڪ رَضِیَ اللہُ عَنْہُ شهيد ٿي ويا.

(المستدرڪ للحاڪم ج 4 ص 340 حديث 5325)

الله پاڪ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي.

اٰمِین بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم

چاہیں تو اشاروں سے اپنے کایا ہی پلٹ دیں دنیا کی
یہ شان ہے خدمتگاروں کی سرکار کا عالم کیا ہو گا!

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

# جادوءَ

## ڪان بچڻ جي لاءِ وظيفو

”يَا مُحۡيِيُ يَا مُمِيۡتُ“ روزانو ست ڀيرا پڙهي ڪري پاڻ تي دم ڪندا ڪيو، اِنۡ شَآءَ الله جادو اثر نه ڪندو.

(40 روحاني علاج مع طبي علاج ص 8)

عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه محله سوداگران پراڻي سبزي منڊي ڪراچي
UAN: +92 111 25 26 92 Ext: 7213
Web: www.dawateislami.net / E-mail: translation@dawateislami.net